# سڙن

بابر، پنهنجي ناني جي گهران نڪري فليٽ جي طرف روانو ٿيو جيڪو ان جي ويجهو ئي هو. وچڻ مهل، نانيءَ ڪيس گهر ڪٽي وچڻ لاءِ ساسر ۾ به شامي ڪباب وجهي ڏنا. بابر ڪي نانيءَ جي هٿ جا ٺهيل ڪباب ڏاڍا پسند هئا، سو هن اهو ئي سوچيو ته گهر وڃي ڪائيندس.

شام جي مهل هئي، ٿڌڙي هوا به لڳي رهي هئي، سڄي ڏينهن ۾ بابر ڪي اهو شام جو ئي پهر تمام گهڻو پسند هو. اجا به ٿي وکون ئي هليو هو ته پويان نانيءَ جو آواز ٻڌائين. ”اڙي، پٽ، ڪباب ڍڪي ته ڪٽي وڃ“ پر بابر سندس ڳاله ٻڌي اڻ ٻڌي ڪري هليو ويو. بس ڪن لاءِ پويان نهاريندي مرڪندي هٿ لوڏيائين.

هاڻي هو هڪ ننڍڙي پارڪ جي پرسان لنگهي رهيو هو. پکين جا ولر وڻن مان جتي انهن جا آکيرا هئا، اڏامندا نظر اچي رهيا هئا. ايڏا سارا پکي ۽ ايڏا سارا آکيرا! آخر پکين کي اهو ياد ڪيئن ٿو ٿئي ته انهن جو آکيرو ڪهڙي وڻ تي آهي؟ بابر اهو سوچي وڃي رهيو ته اوچتو هن مٿان هڪ پاڇو پيو. وڏن وڏن پرن جي ڦڙڦڙ ان جي ڪنن تي پئي ۽ هڪ تيز چهنب وارو پکي سندس ڪباب ڪٽي اڏامي ويو. اهو وڏن وڏن پرن وارو پکي هن جي مٿان ڪيڏو نه ويجهو اچي ويو هو! بابر کي ائين لڳو ته ڄڻ ڪو بمبار جهاز هن جي مٿان لنگهي ويو هجي. اصل ۾ اها ’سرڻ‘ هئي، اهو شايد ملڪ جو وڏي ۾ وڏو پکي آهي.

بابر سهڪندو سهڪندو گهر پهتو ۽ ماءَ کي سڄو قصو ٻڌايائين. پر ماڻس ڇا چيو؟.. ڪيس چيو ته ’ڪا ڳاله ناهي، اسان ناني کان ٻيا ڪباب گهرائي وٺنداسين.‘ ۽ امان نمبر ملايو ۽ ناني سان فون تي ڳالهائڻ لڳي. بابر کي ماءَ جي اها ڳاله ڪونه وڻي، ڪيس ڪاوڙ به لڳي ته گڏوگڏ حيراني پڻ ٿيس. سوچيائن؛ ’امان کي سرڻ تي بلڪل ڪاوڙ ڪونه آئي؟!... بدتميز سرڻ.“

ٿوري ئي دير ۾ نانيءَ بابر لاءِ ٻن جي بدران ٽي ڪباب موڪليا، انهن کي ڏسندي ئي فلحال ته بابر کان سرڻ تي لڳل ڪاوڙ ئي وسري وئي.

## 2

بابر جي پر وارو فليٽ، ويجهڙائي ۾ ئي هڪ پوڙهي عورت مسواڙ تي ورتو هو ۽ هوءَ اتي بلڪل اڪيلي رهندي هئي. بابر ۽ ان عورت جي گيلري گڏو گڏ هيون. ڪڏهن ڪڏهن اتي بابر کيس ڏسندو هو ته اشاري سان سلام ڪندو هئس ۽ جواب ۾ اها عورت مرڪندي هٿ لوڏيندي کيس سلام جو جواب ڏيندي هئي. عورت سانجهيءَ کان اڳ پنهنجو کاڌي کٽي اتي ويهي رهندي هئي. هڪ ڏينهن بابر ڏٺو ته هڪ مينا گيلري جي پٽ تي ويٺي هئي ۽ پنهنجي ڳچي گهمايندي هن ڏانهن ڏسي رهي هئي، عورت پنهنجي کاڌي جي پليٽ مان ٿورا چانور ڪڍي هن جي سامهون رکيا ته مينا هڪ هڪ ڪري اهي سڀ چڳبي ورتا.

هاڻي اهو روز جو معمول بڻجي ويو ته عورت پنهنجي کاڌي مان ٿورڙا چانور پکين لاءِ رکندي هئي. ڪجه ئي ڏينهن ۾ ڪيترائي پکي اتي پهچڻ لڳا. انهن پکين ۾ مينا، ڪبوتر، ڪانءَ به هئا. روزانو عورت پنهنجي کاڌي منجهان پکين جي خاطر تواضح ڪندي هئي. ڪڏهن ته هوءَ انهن کي اوٻاريل بيدا ۽ اوٻاريل پٽاٽا پڻ کارائيندي هئي. هڪ مٽي جي ٿانو ۾ هوءَ پکين لاءِ پاڻي پڻ رکندي هئي.

سندس انهيءَ معمول کي روزانو بابر ڏاڍي غور سان ڏسندو رهندو هو. هڪ ڏهاڙي هن ڏٺو ته جڏهن سڀ پکي پنهنجو کاڌو کائي اڏري ويا ته اتي هڪ وڏو پکي آيو. بابر سڃاڻي ورتو، پهريائين ته سندس دل زور زور سان ڌڙڪڻ لڳي، 'هيءُ ته اهوئي ساڳيو پکي آهي. بمبار... يعني ته سرڻ! ' هن اهو سوچيو پر هڪدم دماغ ان جي دل کي اها تار موڪلي، ته ڊڄڻ جي ضرورت ناهي، سرڻ هن کان پري آهي ۽ پوءِ بابر جو ڊپ لهي ويو.

سرڻ ڊاڻن کي سنگهيو پر ڪجه کاڌو ڪونه، بس اتي ويٺي ويٺي هو پنهنجي ڳچي ڦيرائيندي رهي.

عورت جي ڪاڌي ۾ اڪثر اپاريل بيدو هوندو هو، شايد اڪيلي هئڻ سبب هوءَ وڌيڪ ڪاڌو پچائيندي ئي ڪونه هئي. هن ان بيدي جا ننڍڙا پور ڪيا ۽ اهي سرڻ اڳيان رکيا ته اهي جهٽ سان سرڻ چڳي ورتا.

عورت ڏينهون ڏينهن ڪمزور ٿيندي ٿي وئي، پر پکين کي کارائڻ جو دستور جاري رکيو. لڳي پيو ته عورت کي سرڻ سان مڙئي ڪجه وڌيڪ لڳاءُ هو، انهي ڪري هوءَ ٻين پکين جي اڏرڻ کان پوءِ اتي ئي ويٺي سرڻ جو انتظار ڪندي هئي. شروع شروع ۾ سرڻ ڪڏهن نه به ايندي هئي پر پوءِ روز اچڻ معمول بڻائي ڇڏيائين.

بابر جڏهن پنهنجي ماءُ کي اها ڳاله ٻڌائي ته ان چيو 'سرڻ ته گوشت خور هوندي آهي، اها ته ڪڪڙ جا چوزا به کائيندي آهي. ننڍڙا ڪوئا ۽ ٻيا به ڪيڙا ماڪوڙا کائيندي آهي، ان کي پلا ڪاڌي جي کهڙي کوٽ آهي، هروپرو روز ان ويچاري عورت جو اڌ بيدو کائڻ لاءِ اچي ٿي وڃي' هن پيري امان کي سرڻ تي ڪاوڙ هئي پر بابر کي ڪاوڙ ڪونه هئي. هو ڪيترن ئي ڏينهن کان سرڻ جي حرڪتن کي دلچسپيءَ سان ڏسي رهيو هو.

بابر کي محسوس ٿيو ته ڏينهون ڏينهن پوڙهي عورت ڪمزور ٿيندي پئي وڃي. چاڪاڻ ته هاڻي ان کي ڪرسي تي اٿڻ ۽ ويهڻ ۾ ڏکيائي ٿيندي هئي. پر پوءِ به هوءَ گيلري ۾ ايندي هئي ۽ پکين جو انتظار ڪندي هئي. پکين کي چڳندي ڏسندي رهندي هئي، ڪڏهن خيال ايندو هئي ته پنهنجي وات ۾ به گرهه وجهندي هئي. سڀني پکين جي اڏرڻ کان پوءِ هوءَ سرڻ جو انتظار ڪندي هئي ۽ جڏهن سرڻ ايندي هئي ته هو ان جي اڳيان اوباريل بيدو يا پٽاٽا رکندي هئي. جڏهن سرڻ اهو چڳڻ کان پوءِ اڏري ويندي هئي تنهن کان پوءِ آهسته آهسته هلندي عورت پنهنجي ڪمري ڏانهن ويندي هئي.

هڪ ڏينهن جڏهن بابر اسڪول مان موٽيو ته خبر پيس ته اها عورت، ڪلهه رات اوچتو دل جو دورو پوڻ سبب گذاري وئي آهي. شايد سندس ڪوبه مٽ مائٽ ڪونه هو، پاڙي وارن ڪفن دفن جو بندوبست ڪيو ۽ ٻيپهري جي نماز کان پوءِ ان کي دفنايو.

انهيءَ شام جو بابر گيلري ۾ ويٺي اداسي سان عورت جي خالي ڪرسي کي ڏسي رهيو هو.

سانجهي ڌاري جهرڪيون آيو، پر انهن جو کاڌي ته اڄ هوئي ڪونه، پر وري به ٿورا گهڻا داڻا جيڪي هتي هتي پکڙيل هئا ، انهن چڳيا ۽ پوءِ اڏامي ويون. هڪ ٻه جهرڪيون ۽ پاريهل وغيره به خالي ڪرسي تي ٽپ ڏيندا رهيا، شايد هو سوچي رهيا هئا ته هوءَ مهربان عورت ڪيڏانهن هلي وئي، اڄ هن اسان لاءِ کاڌو ڇو ڪونه رکيو آهي؟.

جڏهن جهرڪيون ۽ ٻيا پکي اڏري ويا، ٿوري دير کان پوءِ هوا ۾ ڪجه حرڪت ٿي، وڏن وڏن پرن ۽ چاقو جهڙي تيز چهنب واري سرڻ آئي. هوءَ  ٿوري دير تائين ته ٻچي کي ڦيرائيندي هيڏانهن هوڏانهن نهاريندي رهي پر اڄ نڪي ان جي لاءِ کاڌو رکيل هو ۽ نه وري کارائڻ واري موجود هئي. سرڻ ڪجه دير ته ويٺي رهي، نظرون ڦيريندي خالي ڪرسي ڏانهن  ڏسندي رهي ۽ پوءِ اوچتو هڪ وڏي رڙ ڪندي اتان اڏري وئي.

بابر ان ڏينهن کان پوءِ مرحومه جي گيلري ۾ ڪنهن به ٻئي پکي ۽ سرڻ کي ٻيهر ڪونه ڏٺو.

**آمنه اظفر**

**سنڌيءَ ۾ ترجمو**

**عطيه دائود**